SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.II OF 2001

سنڌ نجي سڪيورٽي ايجنسيز (انتظام ۽ ضابطو) آرڊيننس، 2000

THE SINDH PRIVATE AGENCIES (REGULATION AND CONTROL) ORDINANCE, 2000

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ايجنسي جي قيام يا جاري رکڻ خلاف منع نامو
Prohibition against establishment or continuing an agency

4. لائسنس ڏيندڙ اختياري
Licensing Authority

5. لائسنس لاءِ درخواست
Application for License

6. ايجنسي جو قيام ۽ جاري رکڻ
Establishment and continuance of an agency

7. هٿيارن جو قبضو وغيره
Possession of arms etc

8. ايجنسين طرفان شرط و شروط جوڙيا ويندا

Conditions to be compiled with by agencies

9. لائسنس جي آئين جي ترميم

Amendment of constitution of the license

10. لائسنس نئون ڪرڻ

Revocation of license

11. اپيل

Appeal

12. ڏنڊ ۽ طريقيڪار

Penalties and procedure

13. ضمانت

Indemnity

14. اختيارن جي منتقلي

Delegation of powers

15. اضافي گنجائشون

Additional provisions

16. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Power to make rules

سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 2001

SINDH ORDINANCE NO.II OF 2001

سنڌ نجي سڪيورٽي ايجنسيز (انتظام ۽ ضابطو) آرڊيننس، 2000

THE SINDH PRIVATE AGENCIES (REGULATION AND CONTROL) ORDINANCE, 2000

[3 جنوري 2001]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ صوبي ۾ نجي سڪيورٽي ايجنسين جي انتظام ۽ ضابطي کي معقول بڻايو ويندو.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ سنڌ صوبي ۾ نجي سڪيورٽي ايجنسين جي انتظام ۽ ضابطي فراهم ڪرڻ سان لاڳاپيل معاملن کي معقول بڻائڻ ضروري ٿي پيو آهي.

۽ جيئن تہ صوبائي اسيمبلي 14 آڪٽوبر 1999 واري اعلان تحت ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر نمبر. 1 موجب معطل آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ جو گورنر مطمئن آهي تہ موجوده صورتحال ۾ تڪڙو قدم کڻڻ ضروري آهي؛

هاڻي تنهن ڪري، مٿي ڄاڻايل اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر سان گڏ پڙهو 1999 جو پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن (ترميم) آرڊر نمبر. 9، ۽ ان سلسلي ۾ مليل سمورن اختيارن کي استعمال ۾ آڻيندي، سنڌ جي گورنر خوشيءَ سان هيٺيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو

آهي:

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ نجي سڪيورٽي ايجنسيز (انتظام ۽ ضابطو) آرڊيننس، 2000 سڏيو ويندو.

(2) ان جي سڄي صوبي سنڌ تائين توثيق ڪئي ويندي.

وصفون
Definitions

2. هن آرڊيننس ۾، جيستائين ڪجهه مفهوم ۽ مضمون جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(a) "ايجنسي" مطلب ڪنهن نجي سڪيورٽي ايجنسي جيڪا سڪيورٽي گارڊن ۽ سڪيورٽي انتظامن سان لاڳاپيل معاملن کي هلائي رهي هجي ۽ جنهن ۾ شامل آهي اهڙي ايجنسي جي ڪا شاخ؛

(b) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(c) "لائسنس" مطلب هڪ ايجنسي جي ڪم ڪار کي هلائڻ لاءِ هن آرڊيننس تحت جاري ڪيل لائسنس؛

(d) "لائسنسي" مطلب لائسنس رکندڙ؛

(e) "لائسنس ڏيندڙ اختياري" مطلب هن آرڊيننس تحت مقرر ڪيل لائسنس ڏيندڙ اختياري؛

(f) "قاعدا" مطلب هن آرڈيننس تحت جوڙيل قاعدا؛

(g) "سڪيورٽي گارڊ" جنهن ۾ شامل آهن قاعدن موجب لائسنس رکندڙ طرفان رکيل چوڪيدار.

ايجنسي جي قيام يا جاري رکڻ خلاف منع نامو
Prohibition against

3. ڪا به ايجنسي هن آرڊيننس جي گنجائشن سان ٽڪراءَ ۾ قائم ڪئي يا جاري رکي نه ويندي.

establishment or continuing an agency

لائسنس ڏيندڙ اختياري
Licensing Authority

لائسنس لاءِ درخواست
Application for License

4. حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي ڪنهن شخص يا اختياري کي لائسنس ڏيندڙ اختياري جا سمورا يا ڪي بہ اختيار استعمال ڪرڻ لاءِ لائسنس ڏيندڙ اختياري طور مقرر ڪري سگهي ٿي.

5.(1) ڪو شخص جيڪو هڪ ايجنسي قائم ڪرڻ چاهيندو هجي ۽ ڪو شخص جيڪو اڳوات موجود اهڙي ڪنهن ايجنسي کي جاري رکڻ چاهيندو هجي، اهو ڄاڻايل طريقيڪار ۽ بيان ڪيل في جي ادائگي سان گڏ لائسنس ڏيندڙ اختياري کي ايجنسي جي جوڙجڪ ۽ اهڙن ٻين ڪاغذن ۽ معلومات جي نقل سان گڏ درخواست ڏيندو جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

(2) ڪو بہ لائسنس تيستائين جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين درخواست گذار لائسنس جاري ڪرڻ لاءِ بيان ڪيل شرطن ۽ گهرجن کي پورو نٿو ڪري.

(3) لائسنس ڏيندڙ اختياري، درخواست ملڻ تي اهڙي جاچ پڙتال ڪري سگهي ٿي جيڪا اها ضروري سمجهي ۽ اهڙين شرطن موجب ۽ اهڙي سڪيورٽي طرفان ڏنل درخواست منظوري ڪري سگهي ٿي يا لکت ۾ سبب ڄاڻائڻ بعد ان کي رد ڪري سگهي ٿي.

(4) جيڪڏهن لائسنس ڏيندڙ اختياري درخواست منظور ڪري ٿي تہ اها بيان ڪيل فارم تي درخواست گذار کي لائسنس جاري ڪندي.

(5) ذيلي دفعہ (4) تحت جاري ڪيل لائسنس هڪ سال لاءِ ڪارگر هوندو ۽ بيان ڪيل طريقي ۽ في جي ادائگي تي ٻيهر نئين ٿيڻ لائق هوندو.

(6) لائسنس ڏيندڙ اختياري ذيلي دفعہ (4) تحت جاري ڪيل لائسنسز بابت اهڙن تفصيلن وارو رڪارڊ رکندي جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

ايجنسي جو قيام ۽ جاري رکڻ
Establishment and continuance of an agency

6.(1) ايجنسي جيڪا هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ تائين وجود ۾ نہ هجي اها فقط لائسنس جاري ٿيڻ کانپوءِ ئي قائم ٿي سگهندي.

(2) اڳواٽ موجود ايجنسي هن آرڊيننس جي لاڳو ٿيڻ کانپوءِ ڇهہ مهينن کان وڌيڪ جاري نہ رکي سگهندي، جيستائين اها ٿيهن ڏينهن اندر لائسنس لاءِ درخواست نہ ڏئي.

(3) جتي مٿي ڄاڻايل طريقي موجب اڳواٽ موجود ايجنسي جي سلسلي ۾ ڪا درخواست ڪئي وئي آهي ۽ اهڙي درخواست رد ڪئي وئي آهي، تہ پوءِ ذيلي دفعہ (2) ۾ بيان ڪيل ڇهہ مهينن جو عرصو گذرڻ کانپوءِ، ايجنسي جنهن تاريخ تي درخواست رد ڪئي وئي آهي، ان کان ٿيهن ڏينهن تائين جاري رکي سگهندي، يا جيڪڏهن اهڙي اپيل غور هيٺ رهندي جيستئاين ان کي رد نہ ڪيو وڃي.

هٿيارن جو قبضو وغيره
Possession of arms etc

7. ڪو بہ لائسنس رکندڙ کي هٿيار، اوزار، ريڊيو وائرليس رابطي جا اوزار يا ڪو ٻيو گيجيٽ نہ رکندو يا استعمال ڪندو تيستائين جيستائين لاڳاپيل قانون موجب نہ هجي.

ايجنسين طرفان شرط و شروط جوڙيا ويندا

8.(1)هر لائسنس رکندڙ:

(a) اهڙي وقت تي ۽ اهڙي طريقي جيئن بيان ڪيو ويو هجي،

Conditions to be compiled with by agencies

پنهنجي ساليانه رپورٽ ۾ آڊٽ ٿيل اڪائونٽس جا تفصيل لائسنس ڏيندر اختياري کي جمع ڪرائيندو.

(b) لائسنس ڏيندڙ اختياري کي ملازمت تي رکيل ماڻهو جي سلسلي ۾ تفصيل فراهم ڪرڻ يا ان جا اڪائونٽس، يا ٻيا رڪارڊس يا اهڙي معلومات فراهم ڪرڻ جيڪا لائسنس ڏيندڙ اختياري وقت بوقت طلب ڪري.

(2) لائسنس ڏيندڙ اختياري، يا ان طرفان مڪمل طور بااختيار بڻايل ڪو عملدار، سمورن مناسب موقعن تي لائسنس رکندڙ جي حاطن، اڪائونٽ جي ڪتابن ۽ لائسنس جي ٻين رڪارڊس جي جاچ پڙتال ڪري سگهي ٿو بشمول لائسنس رکندڙ طرفان ملازمت تي رکيل ماڻهن جي رڪارڊ، سڪيورٽيز روڪ رقم ۽ ايجنسي طرفان رکيل ٻين ملڪيتن جي ۽ ان سان لاڳاپيل سمورن ڪاغذن جي.

لائسنس جي جوڙجڪ جي ترميم

Amendment of constitution of the license

9.(1) لائسنس رکندڙ جي جوڙجڪ ۾ ڪا به ترميم ڪارگر نه هوندي جيستائين ان جي لائسنس ڏيندڙ اختياري طرفان منظوري نه ڏني وڃي، جنهن مقصد لاءِ ترميم جو نقل لائسنس ڏيندڙ اختياري ڏانهن اماڻيو ويندو.

(2) جيڪڏهن لائسنس ڏيندڙ اختياري مطمئن آهي ته جوڙجڪ جي ترميم هن آرڊيننس جي ڪن گنجائشن يا قاعدن سان ٽڪراءَ ۾ نه آهي ته اها جيئن مناسب سمجهي، ترميم جي منظوري ڏئي سگهي ٿي.

لائسنس نئون ڪرڻ

Revocation of license

10. جيڪڏهن اهڙي جاچ پڙتال کانپوءِ جيئن اها مناسب سمجهي، لائسنس ڏيندڙ اختياري مطمئن آهي ته لائسنس رکندڙ هن آرڊيننس جي گنجائشن يا قاعدن يا لائسنس جي شرطن سان ٽڪراءَ ۾ آهي يا تنظيم جي ڪم ڪار جنهن

جي جوڙجڪ قانوني طور منع ٿيل هجي، اها لکت ۾ حڪم ذريعي لائسنس رد ڪري سگهي ٿي.

بشرطيڪ رد ڪرڻ جو حڪم تيستائين جاري نہ ڪيو ويندو جيستائين لائسنس رکندڙ کي سبب ڄاڻائڻ جو موزون موقعو فراهم نہ ڪيو وڃي.

اپيل
Appeal

11. جيڪڏهن لائسنس ڏيندڙ اختياري لائسنس لاءِ درخواست رد ڪري ٿي يا لائسنس رد ڪري ٿي، درخواست گذار يا جيئن معاملو هجي، لائسنس رکندڙ هجي، لائسنس ڏيندڙ اختياري جي حڪم جي ٿيهن ڏينهن اندر حڪومت سان رابطو ڪندو ۽ اپيل ڪندو ۽ ان سلسلي ۾ حڪومت طرفان جاري ڪيل حڪم حتمي هوندو ۽ ان تي لائسنس ڏيندڙ اختياري طرفان عملدرآمد ڪرايو ويندو.

ڏنڊ ۽ طريقيڪار
Penalties and procedure

12. (1) ڪو شخص جيڪو:

(a) هن آرڊيننس جي گنجائشن يا ڪن قاعدن يا ان سلسلي ۾ جاري ڪيل حڪم جي ڀڃڪڙي ڪري ٿو، يا

(b) هن آرڊيننس تحت لائسنس لاءِ درخواست ۾ يا ڪنهن رپورٽ يا لائسنس ڏيندڙ اختياري کي جمع ڪرايل بيان ۾، ڪا غلط بياني ڪري ٿو يا ڪوڙا انگ اکر ڏئي ٿو،

اهو قيد جي سزا لائق هوندو اهڙي مدي لاءِ جيڪو ٻن سالن تائين وڌي سگهي ٿو يا ڏنڊ جيڪو پنجاهہ هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو يا ٻئي گڏ.

(2) جتي ڪو شخص هن آرڊيننس تحت ڪو ڏوهہ ڪري ٿو، ڪمپني آهي يا ڪا ٻي ڪارپوريٽ باڊي، يا ماڻهن جي ڪا ايسوسيئيشن، هر ڊائريڪٽر، مئنيجر، سيڪريٽري ۽ ان سلسلي ۾ ٻيا عملدار جيستائين اهي ثابت ڪن تہ اهو

ڏوهہ انهن جي معلومات يا مشوري کانسواءِ ٿيو آهي، اهي تيستائين اهي اهڙي ڏوهہ ۾ جوابدار سمجهيا ويندا.

(3)ڪنهن بہ عدالت کي هن آرڊيننس تحت ڪنهن بہ ڏوهہ خلاف سواءِ لائسنس ڏيندڙ اختياري طرفان لکت ۾ شڪايت جي، يا ان سلسلي ۾ ان طرفان بااختيار بڻايل ڪنهن عملدار جي شڪايت جي دائره اختيار نہ هوندو.

(4) هن آرڊيننس تحت ڪيل سمورا ڏوهہ ايگزيڪيوٽو مئجسٽريٽ طرفان ڪارروائي لائق هوندا.

ضمانت
Indemnity

13. ڪو مقدمو، ڪيس يا قانوني ڪارروائي ڪنهن بہ شخص خلاف نہ ٿيندي، جنهن هن آرڊيننس تحت سني نيت سان ڪجهہ ڪيو يا ڪرڻ جو ارادو ڪيو هجي.

اختيارن جي منتقلي
Delegation of powers

14. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن آرڊيننس تحت پنهنجا سمورا يا ڪي بہ اختيار عام طور تي يا اهڙي ايجنسي يا ايجنسين جي درجي جي سلسلي ۾ پنهنجي ڪن بہ عملدارن کي منتقل ڪري سگهي ٿي، جيئن نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

اضافي گنجائشون
Additional provisions

15. (1) هن آرڊيننس جون گنجائشون اضافي هونديون ۽ وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي گنجائشن سان تضاد ۾ نہ هونديون.

(2) هن آرڊيننس ۾ ڪجهہ بہ لائسنس رکندڙ يا ان جي ملازم تي لاڳو نہ ٿيندو، ڪنهن بہ قانون تحت منتقل ڪيل ڪي بہ اختيار يا پوليس عملدار طرفان استعمال لائق، يا ڪنهن ٻئي سرڪاري ملازم طرفان استعمال لائق اختيارن تي لاڳو نہ ٿيندو.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار

16. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هن

Power to make rules	آرڊيننس جي گنجائشن کي اثرائتو بڻائڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. **نوٽ: آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي**